In the name of Allah, the compassionate, the merciful

به نام خداوند بخشنده مهربان

| | |
|---|---|
| سرشناسه | : خمینی، روح‌الله، رهبر انقلاب و بنیانگذار جمهوری اسلامی ایران، ۱۲۷۹ - ۱۳۶۸.<br>Khomeyni, Ruhollah, Leader and Founder of IRI |
| عنوان قراردادی | : ولایت فقیه. سندی |
| عنوان و نام پدیدآور | : ولایت فقیه کتاب بیع درس خارج امام خمینی ؒ جی ولایت فقیه حصی جو ترجمو/ مترجم نجف علی‌لغاری. |
| مشخصات نشر | : قم : مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی صلی‌الله علیه و آله، ۱۴۰۱. |
| مشخصات ظاهری | : ۸۶ص. |
| شابک | : ۹۷۸-۶۲۲-۳۱۵-۲۰۹-۲ |
| وضعیت فهرست نویسی | : فیپا |
| یادداشت | : زباان : سندی. |
| یادداشت | : کتابنامه: ص.۸۵ -۸۶. |
| موضوع | : اسلام و دولت / Islam and state؛ ولایت فقیه / Wilayat al-faqih |
| شناسه افزوده | : لغاری، نجف‌علی، ۱۳۵۳ -، مترجم |
| شناسه افزوده | : جامعة المصطفی ﷺ العالمیة. مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی ﷺ |
| شناسه افزوده | : Almustafa International Translation and Publication centerAlmustafa International University |
| رده بندی کنگره | : ۸/۲۲۳BP |
| رده بندی دیویی | : ۴۵/۲۹۷ |
| شماره کتابشناسی ملی | : ۹۱۰۹۰۷۳ |
| مرجع تولید | : پژوهشگاه بین‌المللی المصطفی ﷺ |

این کتاب با کاغذ حمایتی منتشر شده است

BP1520


# ولايت فقيہ

## ڪتاب بيع درس خارج امام خمينيؒ جي ولايت فقيہ واري حصي جو ترجمو

**مترجم:** نجف علي لغاري


**چاپ اول:** ۱۴۰۱ش / ۱۴۴۴ق

**ناشر:** مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی ﷺ

**چاپ:** چاپخانه دیجیتال المصطفی ﷺ **شمارگان:** ۵۰۰ **قیمت:**

**Distribution Centers**

➤ Al-Mustafa Translation and Publication Center, 18th alley corner, Western Mu'allim St., Qom, Iran
Tel: +98 25 37836134
Fax: (Ex.105) 025 37839305

➤ Al-Mustafa Translation and Publication Center, Sālāriya Three Ways, Mohammad Amin Boulevard, Qom, Iran
Tel: +98 25 32133106

pub_almustafa pub-almustafa.ir miup@pub.miu.ac.ir

Thanks are due to those who assisted us in making this work available

**Publication manager:** Mustafa Noubakht

**Production manager:** Jafar Qasimi Abhari

**Printing and publication supervisor:** Ayyub Jamali


**All rights reserved**

مرکز بین المللی
ترجمه ونشر المصطفیﷺ

# ولايت فقيہ

# ڪتاب بيع درس خارج امام خمينيؒ جي ولايت فقيہ واري حصي جو ترجمو

مترجم: نجف علي لغاري

## ناشر پاران

عظيم اسلامي انقلاب جي ڪاميابي ۽ رابطن جي جهاني ٿيڻ ڪان پوءِ، انساني علوم جي ميدان ۾ نوان نوان سوال ۽ شڪ شبها مسلمان مفڪرن آڏو پيش ٿيڻ شروع ٿيا آهن، جيڪي هن زماني ۾ حڪومت لاءِ سنگين ذميواري جو سبب بڻجي رهيا آهن. اهو زمانو جيڪو ملڪن جي همہ گير سرپرستي ڪرڻ ۾ دين ۽ سنت جي پابندي ڪي تمام سخت بڻايو ڇڏي. ان ڪري اڄ ڪلهہ جون تحقيقون جامع، منظم، ديني ميدان ۾ ڪارائتيون، دنيا جي معتبر معيارن ۽ خالص ۽ اونهي فڪرن تي مشتمل هجڻ گهرجن ۽ ديني ميدان ۾ تحقيق ڪندڙ حضرات جي فڪري ۽ تربيتي انحراف ڪان روڪٿام، هڪ اهم ڪم جي عنوان سان ۽ هن شجره طيبہ جي باني حضرات خاص طور تي عظيم اسلامي انقلاب جي باني امام خمينيؒ ۽ رهبر معظم انقلابؒ جي خاص عنايت تحت هجي.

ثقافتي ۽ رابطاتي ميدانن ۾ مغرب جي ثقافتي تسلط جي پکڙجڻ ۽ انهن جي جهاني ٿيڻ جي اها تقاضا آهي تہ هن مسئلن ۾ دلچسپي رکندڙ حضرات ۽ شاگرد، بلند فڪرن ۽ قيمتي معيارن ڪان آگاهہ ٿين ۽ اهو ڪم اسپيشل سبجيڪٽن ڪي وجود ۾ آڻڻ، نون ۽ بي نياز ڪندڙ مواد ڪي تدوين ڪرڻ، تعليم ۽ شاگردن جي لاءِ آماده ٿيل تربيت جي دامن ڪي وسعت ڏيڻ سان ئي پڄاڻي تي پهچندو. اها مهم ڪڏهن بنيادي مسئلن ڪي چيڙڻ ۽ ڪڏهن اسپيشل مواد ڪي تدوين ڪرڻ سان سڄاتي وڃي ٿي تہ ڪڏهن وري علمي بحثن ڪي آسان ۽ عام فهم زبان ۾ سهيڙڻ سان سامهون اچي ٿي.

تعليمي مرڪز رڳو منظم، قانوني ۽ جديد طرز مطابق تعليمي نظام جي سائي هيٺ ئي پروان چڙهي سگهن ٿا. سڪيا جي مواد ۽ تعليمي ۽ تحقيقاتي طريقہ ڪارن تي نظر ثاني ڪرڻ ۽ انهن ڪي جديد دور جي تقاضائن مطابق پيش ڪرڻ پڻ ان نظم ۽ نواڻ ۽ نتيجي طور تعليمي ۽ تحقيقي مرڪزن جي علمي ترقي جو سبب ٿئي ٿو.

"جامعہ المصطفیﷺ العالميہ" (المصطفیﷺ انٽر نيشنل يونيورسٽي) قم المقدس ان اهم ڪم جو حصو بڻجي، غير ايراني طالبعلمن جي تعليم ۽ تربيت جي عظيم ذميواري سنڀاليندي مناسب تعليمي مواد جي تاليف ڪي پنهنجو مقصد بڻايو آهي ۽ ديني علوم جي مختلف سبجيڪٽن ۾ درسي مواد ڪي لکڻ ۽ نشر ڪرڻ ان مهم جو نتيجو آهي.

**انٽر نيشنل المصطفیﷺ**
**ترجمہ ونشر مرڪز**

# فهرست

مقدمو ___ ٧
امام خمينيرحمة الله عليه جي مختصر زندگي ___ ٧
(شاهه پٽائي) ___ ٧
قم جي طرف سفر ___ ٨
امام خمينيرحمة الله عليه جا استاد ___ ٨
امام خمينيرحمة الله عليه قم شهر ۾ ___ ٨
امام خمينيرحمة الله عليه جا شاگرد ___ ٨
امام خمينيرحمة الله عليه جا ڪتاب ___ ٩
اسلامي حڪومت جي ضرورت ___ ١١
اسلامي حڪومت لازمي آهي ___ ١٤
حڪومت جو لازمي هجڻ حديثن جي نگاهه ۾ ___ ١٥
اسلامي حاڪم جون خاصيتون ___ ١٩
جيڪي شرطون والي ۽ حاڪم ۾ معتبر آهن ___ ٢٠
خلافت جي معنيٰ ___ ٢٢
خلافت جون به اصطلاحي معنائون آهن. ___ ٢٢
ولايت فقيهه تي دليل ___ ٢٤
١ : مرسله فقيهه جي ذريعي استدلال ___ ٢٤
٢: شڪ ۽ شبهو ___ ٢٧
٣ : سڪوني جي موثقه روايت ذريعي استدلال ___ ٣١
۴ : توقيع مبارڪ جي ذريعي استدلال ___ ٣۴
۵ : مقبوله عمر بن حنظله جي ذريعي استدلال ___ ٣٩
حديث جو معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان ولايت فقيهه تي دليل بڻجڻ ___ ۴١
٦: جناب قداح جي صحيح روايت ذريعي استدلال ___ ۵١
جناب قداح واري صحيح حديث تي بحث ___ ۵٢

ڪجھ ٻين روايتن جي ذريعي استدلال ____ ۵۸
سھم امام عليه السلام جو حڪم ____ ٦۳
١: سيدن جو حصو (سھم سادات) ____ ٦۵
٢ : سھم امام عليه السلام (امام عليه السلام جو حصو) ____ ٦۸
انفال ____ ۷۴
نتيجو ____ ۷٦
امور حسبيہ جو حڪم ____ ۷۷
ڪجھ اعتراضن جا جواب ____ ۷۸
پھريون اعتراض ____ ۷۹
منابع ____ ۸۵

# مقدمو

## امام خمينيؒ جي مختصر زندگي

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجھ اچي بوءِ بهار جي

(شاهہ ڀٽائي)

شاهہ عبد اللطيفؒ جي بيت تي پوري لهندڙ هڪ عظيم شخصيت امام خمينيؒ جي بہ آهي. سندس پورو نالو روح الله موسوي هو، پاڻ ايران جي صوبي اراڪ جي شهر خمين ۾ سن ٢٠ جمادي الثاني ١٣٢٠ هجري قمري بمطابق ٣٠ شهريور ١٢٨١ هجري شمسي بمطابق ٢۴ سيپٽمبر ١٩٠٢ع ۾ هن دنيا تي جنم ورتو.

پاڻ عالم گهراڻي سان تعلق رکندو هو، سندس والد پنهنجي زماني جو آيت الله هو، سندس والد جو نالو آيت الله سيد مصطفىٰ موسوي هو، سندس والده جو نالو هاجره هو، جيڪا تمام نيڪ ۽ ديندار خاتون هئي، پاڻ هن گهراڻي جو آخري ٻار هو. امام خمينيؒ جون بہ ڀينرون ۽ بہ ڀائر هئا، سندس ڀائرن جا نالا مرتضىٰ ۽ نورالدين هئا، جڏهن تہ ڀينرن جا نالا مولوده آغا خانم ۽ فاطمہ هئا. امام خميني اڃا پنجن مهينن جو هو تہ سندس والد، اسلام جي دشمنن هٿان شهيد ٿي ويو، سندس والده وڏي همت ۽ بردباري سان ڪيس نپايو، پاڻ اسڪولي تعليم خمين شهر ۾ حاصل ڪئي ۽ ١٩ سالن جي عمر ۾ حوزوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اراڪ شهر جو رُخ ڪيو، اُتي هڪ سال پڙهڻ کان پوءِ علم جي مرڪز قم شهر طرف هجرت ڪئي.

### قم جي طرف سفر

١٣٤٠ هجري قمري ۾ آيت الله... شيخ عبدالڪريم حائري يزديؒ قم جي طرف هجرت ڪئي تہ ان جي ڪجهہ عرصي کان پوءِ امام خمينيؒ بہ قم جي طرف روانو ٿيو ۽ قم ۾ ئي اجتهاد جي عظيم درجي تي فائز ٿيو.

### امام خمينيؒ جا استاد

قم ۾ پاڻ جن استادن کان درس حاصل ڪيائون، تن ۾ ميرزا محمد علي اديب تهراني، آيت الله... سيد محمد تقي خوانساري، آيت الله... سيد علي يثربي ڪاشاني ۽ آيت الله... شيخ عبدالڪريم حائري (رضوان الله عليهم) شامل آهن.

### امام خمينيؒ قم شهر ۾

اراڪ ۾ ابتدائي درس پڙهڻ کان پوءِ قم جي طرف اچڻ سان پاڻ تمام گهڻي محنت ڪيائون ۽ ڪجهہ عرصي ۾ سندس شمار مشهور شخصيتن ۾ ٿيڻ لڳو.

٣٠ جنوري ١٩٣٧ع تي آيت الله... حائري جي رحلت کانپوءِ حوزه علميہ قم ڪجهہ بي رونق ٿي ويو ۽ عالمن سوچ ۽ ويچار شروع ڪري ڏنو ۽ انهي ٨ سالن جي مدت ۾ آيت الله... حجت، آيت الله سيد صدر الدين ۽ آيت الله سيد محمد تقي خوانساري رضوان الله عليهم حوزي جي سرپرستي ڪئي.

### امام خمينيؒ جا شاگرد

امام خمينيؒ جا حوزه علميہ نجف اشرف ۽ قم المقدس ۾ ڪافي شاگرد آهن جن مان ڪجهہ هتي ذڪر ڪجن ٿا.

سيد علي حسيني خامنہ اي، اڪبر هاشمي رفسنجاني، نوري همداني، عبد الله جوادي آملي، محمد هادي معرفت، سيد عارف حسين الحسيني، سيد مصطفیٰ خميني، مرتضیٰ مطهري، محمد حائري يزدي، علي اڪبر فيض مشڪيني، محمد مهدي آصفي، سيد عباس خاتم يزدي، محمد جواد باهنر، محمد تقي مصباح يزدي، ابراهيم اميني نجف آبادي، علي مشڪيني ۽ جعفر سبحاني جهڙا جليل القدر آيت الله... سندس شاگردي ۾ رهيا.

## امام خمينيرحمة الله عليه جا ڪتاب

امام خمينيرحمة الله عليه علم اصول، فقہ، عرفان، فلسفي ۽ اخلاق تي تمام گھڻا ڪتاب لکيا جن مان ڪجھ هن ريت آهن.

شرح دعاي سحر، مصباح الهدايہ الیٰ الخلافة والولايہ لقاء الله، راز نماز، آداب نماز، اربعين حديث، تفسير سوره حمد، شرح حديث جنود عقل و جهل، ڪتاب طهارت، مڪاسب محرمہ، ڪتاب بيع، ڪتاب خلل، رسالہ في التقيہ، تحرير الوسيلہ، حڪومت اسلامي يا ولايت فقيہ، ڪشف الاسرار ۽ صحيفہ امام شامل آهن.